ٻالڪ ڪتاب مالھا
ڏاڪو: پيون

# ايسپ جون آکاڻيون



ليکڪ: ايسپ
مترجم: نندي رام ميراڻي

# ايسپ جون آکاڻيون

ليکڪ

ايسپ

مترجم

ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي

فينيڪس بڪس، حيدرآباد

# ٻـ اکر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ٻارڙا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. پر پوءِ بہ هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي جي اشد ضرورت هئي، جيڪو ٻارڙن جي ذهنن جي منظم ۽ باترتيب آبياري ڪري سگهي.

فينيڪس بُڪس ٽيم وٽ ڪافي عرصي کان هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي شروع ڪرڻ جي رٿا هئي، جنهن تحت ٻارڙن جي نہ رڳو تعليم ۽ تربيت ڪري سگهجي، پر کين مستقبل جي للڪارن لاءِ بہ تيار ڪجي.

چاٽايل ٻارڙي ڪتابي رٿا کي هڪ مقصد هيٺ ٽن ڏاڪن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڏاڪي ۾ ٽئين کان پنجون درجو ٻئين ڏاڪي ۾ ڇهين کان اٺون درجو ۽ ٽئين ڏاڪي ۾ نائين کان ڏهون درجو شامل آهن. هن ٻئي ڏاڪي ۾ ايسپ جي جڳ مشهور ڪتاب "ايسپس فيبلس" جو ترجمو بعنوان "ايسپ جون آکاڻيون" پيش ڪري رهيا آهيون.

هي ڪتاب دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ موجود آهي. هن ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا سنڌي ادبي بورڊ پاران پڻ اڇي چڪا آهن. جنهن مان خود ڪتاب جي مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هي ڪتاب هن وقت بہ ٻارن ۽ وڏن جو دلپسند ڪتاب آهي.

مٿي ذڪر ڪيل رٿا تحت ٽنهي ڏاڪن هيٺ نوَ موضوع متعارف ڪيا ويندا جيئن: فطرت، فطري لقاءَ، سنڌ شناسي، آکاڻيون، ماحوليات، صحت ۽ صفائي، رياضي، فلسفو اڳواڻ ۽ شاعري وغيره.

هن رٿا هيٺ ٻارڙي ادب جا شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪري ٻارن لاءِ شايع ڪيا ويندا تہ جيئن هو شعوري طرح دنيا جي ٻارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهن. ان کانسواءِ سنڌ جون ٻاراڻيون لوڪ ڪهاڻيون پڻ شايع ڪيون وينديون تہ جيئن ٻار پنهنجي ثقافت، علم ۽ ادب کان بہ واقف ٿي سگهن.

روزينا جوڻيجو

فينڪس بُڪس

حيدرآباد

# آڪاٽي ڳيري ۽ ماڪوڙيءَ جي

هڪڙي اُجايل ماڪوڙي تلاءَ تي پاڻي پيئڻ وئي هئي، سا انهيءَ پاڻي ۾ ڪِري وهڻ لڳي، اِها هڪڙي ڳيري ڏٺي، تنهن کي دل ۾ رحم پيو تڏهن پنهنجي چهنب سان هڪڙو وڻ جو پن ڇني پاڻيءَ ۾ ڪٽي وڌائين، جنهن تي چڙهي اها ماڪوڙي تري ٻاهر نڪتي. تنهن ڪانپوءِ هڪڙي ڏينهن ڇا ٿيو جو اهوئي ساڳيو ڳيرو هڪڙي هنڌ ويٺو هو اوچتو اُتي هڪڙي شڪاريءَ بيٺي چار وڌو ان جي انهيءَ ماڪوڙيءَ کي خبر پئجي ويئي، تنهن وڃي ان شڪاريءَ جي پير ۾ چَڪُ وڌو چڪ جي سور ڪان هن جيتري ۾ هٿ پير هنيا، تيتري ۾ ڳيرو خبردار ٿي اڏامي ويو.

ꙮ

*One good turn deserves another.*



# آڪاٽي لومڙ ۽ شينهن جي

هڪڙي لومڙ اڳي ڪڏهن ڪو شينهن نہ ڏٺو هو. اُن پهريون پيرو جڏهن شينهن ڏٺو تہ اهڙو اچي ڊپُ ٿيس، جو پانيائين تہ اجهو ٿو مري. پر ٻئي پيري جڏهن شينهن ڪيس ڳڏيو تہ دل جهلي اُن جي سامهون بيهي ڳالهائڻ لڳو. ٽئين پيري جڏهن شينهن ڏٺائين، تہ اُمالڪ وٽس وڃي برابري ڪرڻ لڳو.

*Familiarity breeds contempt.*



# آڪاٽي بيمار هرڻيءَ جي

هڪڙي هرڻي بيمار ٿي پيئي، جنهن ڪ ۔ جهنگ ۾ هڪ گاهہ وارو هنڌ ڳولي، ان تي ليٽي پيئي تہ جيئ مانيءَ سان گاهہ کائي سگهي.

هن هرڻيءَ جي پنهنجي پاڙيسرين سان چڱي هلت هئي ، انڪري سڀ جانور ڪيس پڇڻ لاءِ ايندا هئا. پر اهي بہ گاهہ وارو هنڌ ڏسي ڪجهہ نہ ڪجهہ گاهہ کائي هليا ويندا هئا. جنهنڪري آهستي آهستي اتان گاهہ ختم ٿي ويو: نتيجو اهو نڪتو جو هرڻي بيماريءَ مان تہ چڱي ڀلي ٿي، پر کاڌي کُٽڻ سبب ڳري مري ويئي!

ﮋﮊ

*Thoughtless friends can be as bad as enemies.*



# آڪاٽي نم ۽ سَر جي

ڪنهن درياهہ جي ڪپ تي، هڪڙو وڏو نم جو وڻ بيٺو هو سو طوفان جي جهوٽي ۾ ڪري پيو ۽ وهڪري ۾ لُڙهي هليو. وڻ جا ڏار هڪڙي سَرَ جي ٻوڙي وٽان اچي لنگهيا، جنهن کي طوفان ۾ ڪُجهہ ٿيو ئي نہ هو. تڏهن نم اچرج ۾ اچي سَرَ کان پڇيو تہ "اڙي، تون هِن طوفان مان ڪيئن بچي وئين، جنهن طوفان مون جهڙي وڏي وڻ کي پاڙئون پٽي ڇڏيو؟" اُن تي سر وراڻي ڏني تہ "دوست، اسان ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي جڏهن واءُ ايندو آهي، تڏهن آءٌ نِمي بيهندو آهيان، ۽ ڄاڻندو آهيان تہ ڏاڍي جي اڳيان اسان جي هلندي ڪانهي؛ ۽ تون پنهنجي زور تي ڀروسو رکي بيٺو ئي رهندو آهين."

ꕥ

*It's better by far to bend than to break.*



# آڪاٽي شڪاريءَ ۽ شينهن جي

هڪڙي پڪي شڪاريءَ، جهنگ ۾ وڃي اهڙيءَ ڏاهپ سان تير هنيا جو ڪيترا جانور مري پيا ۽ ڪيترا ڀڄي ويا. سمورا جانور ڊپ ۾ وڪوڙجي، بچاءَ خاطر، ڪنهن گهاٽي جهنگلي ۾ لڪي وڃي ويٺا، اُتي هڪ شينهن بهادر بڻجي کين چوڻ لڳو: ”چو ٿا ڊڄو! آءٌ اڪيلو ئي دشمن سان وڙهندس، ۽ اُن کان اوهان جو بدلو پنهنجي طاقت سان وٺندس.“ شينهن ٻڌاڪون هڻي پڇ کي ڦيرائي ٺڪاءَ ڪڍيا، ۽ جوش مان ڏرتيءَ کي ڪوٽڻ لڳو اوچتو هڪ تير جي ڇهنب اچي سندس پاسراتيءَ ۾ چُڀي شينهن، سُور کان خوفناڪ رڙيون ڪري، ڏندن سان تير ڪڍڻ جي ڪوشس ڪرڻ لڳو. اهو ڏسي، هڪ گدڙ ويجهو اچي کيس طنز مان پڙڪائڻ لڳو تہ ”ڪنهن کي طاقت آهي، جو تو جهڙي سورهيہ ۽ بهادر جانور کي ڦٽي؟ تون بهادرتي پنهنجي دشمن جو مقابلو ڪر!“

*Give a wide berth to those who*
*can do damage at a distance.*



# آڪاٽي ٻين وڄائيندڙ مهاٽي جي

هڪڙي مُهاٽي کي ٻين وڄائڻ سان ڏاڍي محبت هئي. هڪ ڏينهن، درياهہ ۾ مڇيون ڏسي، ٻين وڄائڻ لڳو تہ مَنَ اهي سندس ٻين جي آواز تي ٽپو ڏيئي اچي ڪنڌيءَ تي پون، ۽ نچن ٽپن. پر سندس خواهش پوري ٿي نہ سگهي. ان ڪري، ڪجهہ دير ڪان پوءِ هڪ ڄار ڪڍي، درياهہ ۾ وڌائين ۽ مڇين کي ڪڍي ڪنڌيءَ ذي ڇڪيائين. تہ مڇين سان پرجي آيو. ان وقت مڇين کي ٽپندو ۽ ڦٿڪندو ڏسي، کِلي چوڻ لڳو: "جڏهن ٻينَ پئي وڄايم، تڏهن تہ اوهين بہ نہ ٿي نچيون، پر هاڻي تہ اوهان جو نچڻ مون کي بہ ڪونہ ٿو وڻي!"

ƐƆƇƷ

*The whole world doesn't dance to our own tune.*



# آڪاٽي ڪانوَ ۽ گُهگهيءَ جي

هڪ اڃايل ڪانوُ پري کان هڪڙي گهگُهيءَ کي ڏسي خوش ٿيو ۽ تڪڙو اُڏامي ان وٽ آيو. پر ويجهو اچي ڏٺائين تہ پاڻي تہ انهيءَ جي بنهہ تري ۾ آهي هن گهڻوئي پاڻ کي جُهڪايو. پر پاڻيءَ کي پهچي نہ سگهيو. تڏهن گهگهيءَ کي اونڌي ڪرڻ جو ارادو ڪيائين، پر ايتري ٿاقت ڪانہ هيس. نيٺ، ويچار ڪري ويجهڙائيءَ مان ڳڪِريون چونڊي آيو. هڪڙي هڪڙي ڳڪِري گهُگهي ۾ وجهڻ لڳو انهيءَ ڏاهپ سان، پاڻي گهگهيءَ جي ڪنن تائين اچي پهتو ان ريت پنهنجي اُڃ لاٿائين.

Necessity is the mother of invention.



# آڪاٽي سهڻ ۽ ڏيڏرن جي

هڪڙي ڏينهن، سخت طوفان ۾، هڪ ٻيلي ۾ وڻ ۽ ٻوٽا ڏاڍو پٽي لڏيا، ۽ پنن ڪڙ ڪڙ ڪِرِ پٽي ڪئي، انهيءَ گوڙ تي، ٻيلي جا سهڻا ويچارا ڏاڍا اچي ڊنا ۽ هو چرين وانگر ڪڏهن هيڏانهن ته ڪڏهن هوڏانهن، ڀڄڻ لڳا. پانيائون ته ڪنهن جي سهاري ڪيڏانهن نڪري وڃون، متان نياڳ جي ڪري ڪنهن شڪاريءَ جو شڪار نه ٿي وڃون، اهو خيال ڪري، جتان ڪين ڪا جاءِ ملي، اُتان وٺي ڀڳا. آخر اچي هڪ نئن تي پهتا. ڪين نراسائيءَ ايترو ته اچي گهيريو هو جو پانيائون ته ڪنهن شڪاريءَ جي شڪار ٿيڻ کان ڀلو آهي ته پاڻ کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيون. جڏهن نئن جي ڪناري تي اچي پهتا، ته اُتي ڏيڏرن جو ميڙ ڪنڌيءَ تي ويٺو هو اهي سهڻ کي ڏسي ايترو ته ڊنا، جو ڏاهپ سان پاڻيءَ ۾ ٽپي هئي وڃي تري ۾ ويٺا.

اهو حال ڏسي، هڪ ٻُڍي سهي، ٻين کي سڏي چيو ته "ڀيڻو ڀيڻو مون ڏٺو آهي ته اسان کان سواءِ ٻيا به ڊڄڻ ٿا، هاڻي اهو مناسب نه آهي، ته اسين هرويرو ٻين کان پاڻ کي نياڳا سمجهون ۽ ڊڄون: پر اسين ته مصيبت مان عبرت حاصل ڪريون ۽ مشڪلات کي صبر سان سهون.

ॐ

*There are always others worse off than you are.*



# آڪاٽي گھوڙي ۽ هرڻ جي

هڪڙي گھوڙي ڪي، چرڻ لاءِ ڪافي جهنگ هو جتي گاهہ بہ ڏاڍو هو. هڪ هرڻ بہ اچي ان جهنگ ۾ هريو سو اهو بہ جهنگ ۾ گاهہ چرڻ لڳو. گھوڙي کي اها ڳالهہ نہ وڻي، سو هرڻ کان وير وٺڻ لاءِ هڪ ماڻهوءَ کان پڇيائين. تہ "هن هرڻ کي سزا ڏيڻ لاءِ تون مون کي مدد ڪري سگھندين؟"

ماڻهوءَ وراڻيو تہ "ها، پر شرط آهي تہ تون وات ۾ لغام وجھڻ ڏيندين ۽ پٺيءَ تي چڙهڻ ڏيندين، تہ پوءِ آءٌ هتيار کڻي، هرڻ کي سزا ڏيندس".
گھوڙي، ان ڳالهہ کي قبول ڪيو ۽ ماڻهو گھوڙي کي لغام ڏئي، سندس پٺيءَ تي چڙهي وينو اهڙيءَ طرح گھوڙو هرڻ کان وير تہ وٺي نہ سگھيو، پر هميشہ لاءِ اُنهيءَ ماڻهو جو نوڪر بنجي ويو.

*Vengeance may be worse than the deed that provoked it.*



# آڪاٽي واتهڙو ۽ ٻڙ جي وڻ جي

ڪي واٽهڙو اونهاري جي سخت گرميءَ ۾ ڏاڍو تنگ ٿيا. ڪين اُج ۾ اڃ تپايو. اهڙيءَ حالت ۾ پرسان هڪ ٻڙ جو وڻ ڏٺائون. سو ٻوڙ پائي وڃي وڻ جي ڇانو هيٺان ويٺا ۽ سمهي آرام ڪرڻ لڳا. واٽهڙو آرام ڪندي چوڻ لڳا تہ "هيءُ ٻڙ جو نڪمو وڻ ماڻهوءَ کي ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿو ڏئي." ان تي وڻ جواب ڏنو تہ "بي شُڪرا ماڻهو! اوهان سخت گرميءَ ۾ اُس کان بچي اچي منهن جي ڇانو ۾ سُتا آهيو مون توهان کي ڇانو ڪري گرميءَ کان بچايو آهي ۽ نڪمو بہ مون کي ٿا سڏيو."

*Many a service is met with ingratitude.*



# آڪاٺي ڍڳن ۽ ڪاسائيءَ جي

هڪڙي ڀيري، ڍڳن پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪيو تہ ”هي ڪاسائي، جيڪي رڳو اسان کي ڪُهن پيا، تن کي ضرور ناس ڪنداسين.“ اهو ٺهراءُ ڪري، پاڻ ۾ ميڙ ڪري، پنهنجي سڱن کي تکو ڪرڻ لڳا. نيٺ هڪ پوڙهي ڍڳي، جنهن گهڻن سالن کان هَرَ ۾ ڪمايو هو تنهن چيو تہ ”اي پيارا ڀائرو جيڪي ڪيو ٿا، ان تي ڪجهہ سوچيو ڇو تہ هي ڪاسائي وري بہ اسان کي ڪجهہ ڍاهپ ۽ ادب سان مارين ٿا، پر جيڪڏهن ڪاساين جي بدران ڪو اڻڄاڻ اسان کي ڪُهندو تہ اسان جو مرڻ هيڪاري ڏکيو ٿيندو. اهو بہ خيال ڪريو تہ جيڪڏهن ڪاسائي نہ هوندا، تہ بہ ماڻهو گوشت ضرور گهرندا.“

*The enemy you know is better than the enemy you don't.*



# آڪاڻي مهاڻي جي

هڪ ماڻهو مڇي مارڻ لاءِ، هڪ نديءَ تي ويو. پنهنجي ڄار کي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ اڇلائي، پهڻن سان ٻڌي ڇڏيائين پوءِ پاڻ وري هڪ پاسي ويهي، پاڻيءَ ۾ ڄار کي لوڏڻ لڳو جيئن ته ڄار ۾ مڇي ڦاسي هڪڙو ٻيو ماڻهو جيڪو نديءَ جي ڀرسان رهندو هو سو اهو ڏسي ويجهو آيو. مهاڻي کي ڏوراپو ڏنائين ته "تون پاڻيءَ ۾ لُٻ لُٻ ڪري ان کي ميرو ڪري ڇڏين ٿو ان ڪري هي پاڻي ته پيئڻ جهڙو نه رهندو." مهاڻي وراڻي ڏني ته "هيءُ ڪم نٿو وڻئي، ته ٻه گهڙي صبر ڪر، ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ ريت پاڻي ميرو ڪرڻ سان منهنجو ته پيٽ ڀرجي ٿو."

*Live and let live.*



# آڪاٽي پکين، جانورن ۽ چمڙي جي

ڪنهن زماني ۾ پکين ۽ جانورن جي وچ ۾ ڏاڍي ويڙهه هلندي هئي. چمڙو پنهنجي جسم جي بناوت جي ڪري، ڪنهن سان به شريڪ نه ٿيندو هو ۽ ويڙهه کان پري رهندو هو. پر جڏهن جانورن جي سوڀ ڏسڻ ۾ آيس، تڏهن هو سندن ڪٺڪ سان جهنگ ۾ گهمڻ لڳو. پر پکين وري ٻئي دفعي جانورن سان لڙائي ڪري سوڀ پاتي، تڏهن وري سوڀ حاصل ڪندڙن ڏٺو ته چمڙي ساڻن گڏيو وتي. آخر جلد ئي ٻنهي ڌرين جو پرچاءُ ٿيو. انهيءَ ڪري چمڙي جي ٻه طرفي هلت ظاهر ٿي پئي. ۽ ڪيس ٻئي ڌريون ڌڪارڻ لڳيون. اهڙيءَ طرح، چمڙي کي پرچاءُ کانپوءِ ميڙ مان ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيائون. چمڙو جيئن تيئن ڪري لڪي وٺي ڀڳو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي، چمڙو سدائين ڪنڊن پاسن ۾ لڪندو وتندو آهي، ۽ اونداهيءَ کان سواءِ مُنهن نه ڏيکاريندو آهي.

*Don't play both sides against the middle.*



# آڪاٽي هرڻ ۽ ڊاک جي وَلِ جي

هڪڙي هرڻ، جي پويان شڪاري پئي آيا. اُن ڪري تڪڙ ۾ ڪنهن ڊاکَ جي وَلِ ۾ لڪي ويٺو. شڪارين هرڻ کي نہ ڏٺو سي ڀُلجي اڳتي لنگهي ويا. هرڻ جو ڏٺو تہ هاڻي خطرو ٽري ويو آهي، سو وَلِ جي پنن کي کائڻ لڳو جن هن کي لڪايو هو. شڪارين مان هڪڙي شڪاريءَ جو وَلِ ۾ کڙ کڙ ٻُڌي، سو پانيائين تہ شڪار اِتي آهي انهيءَ ڪري وِلِ ۾ تير هڻي هرڻ کي ماري وڌائين. هرڻ پوئين پساهن ۾ ڪنجهندي چيو تہ "مون کي اهو بدلو بي انصافيءَ جو مليو آهي، ڇو تہ جنهن وَلِ مون کي مشڪل مهل ۾ بچايو هو ان کي نقصان رسائڻ نہ کپندو هو."

ჱიც

*Ingratitude sometimes brings its own punishment.*



# آڪاٽي ڪنجوس جي

هڪڙي ڪنجوس، پنهنجي ملڪيت سوگهي ڪرڻ لاءِ، هرڪا شي وڪڻي، هڪ وڏي سون جي ٽسري ٺهرائي، زمين ۾ پوري ڇڏي. اهو ڪنجوس، هر روز اها ٽِسري ڏسي، دلجاءِ پيو ڪندو هو. هن جي هڪ نوڪر جو ڪيس هر روز ائين ڪندو ڏٺو سو ڀانيائين ته ضرور ڪا ملڪيت هوندي. هڪ ڏينهن،جيئن مالڪ گهر مان ٻاهر نڪتو ته نوڪر لالچ ۾ اچي، اها تسري چورائي کڻي ويو. ڪنجوس، جڏهن اُنهيءَ جاءِ تي سوني تسريءَ نه ڏٺي ته ونئي روئڻ ۽ پٽڻ لڳو. هڪ پاڙي واري ڪي، جڏهن ساري ڳالهه جو پتو پيو تڏهن چيائين ته ”وڌيڪ ڏک نه ڪر. پر اُنهي جاءِ تي ڪو پٿر کڻي پور ۽ سمجهه ته اُتي سوني ٽسري پوريل آهي- ڇو ته توکي انهيءَ سون کي ڪم آڻڻ جو ته اِرادو ئي ڪونه هو. انهيءَ ڪري جيترو ڪم اها سون جي ٽسري ڪندي هئي، اوترو اهو پٿر به ڪندو.“

❧

*Unused riches create no good.*



# آڪاٽي بيمار شينهن جي

هڪڙو شينهن، جڏهن پوڙهو ٿيو ته ٻاهر نڪري شڪار لاءِ گهمي ڦري نه پئي سگهيو. انهيءَ ڪري، پنهنجي ڏر ۾ ويهي، آهستي آهستي گُهٽيل نڙيءَ سان، جانورن کي ٻڌائڻ لڳو ته ”مان ڏاڍو بيمار ٿي پيو آهيان“. سڀني جانورن جڏهن شينهن جي بيماريءَ جو ٻڌو ته ڪين شينهن تي ڏاڍو قياس آيو ۽ شينهن وٽ سندس بيماريءَ جي خبر لهڻ ۽ همدردي ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي پٺيان اچڻ لڳا. پوءِ شينهن ، پنهنجي ڏر ۾ سولائيءَ سان، جانورن جو شڪار ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڪري ٿورن ڏينهن ۾، شينهن متارو ٿي پيو. هڪ ڏينهن هڪڙو لومڙ به بيماريءَ جي ڳالهه کي سچو سمجهي، شينهن کي پُڇڻ لاءِ آيو پر ٻاهران پري کان بيهي پڇيائين ته ”سائين، چڱا ڀلا آهيو؟“ شينهن چيس ته ”منهنجا منڙا مائٽ! منهنجي طبيعت پڇڻ لاءِ آيو آهين ته پوءِ پري ڇو بيٺو آهين؟ ويجهو اچي، هن نماڻي شينهن کي جنهن جي عمر باقي ٿوري وڃي بچي آهي، ان کي ڪَنَ ۾ اچي ڪا دلجاءِ جي ڳالهه ته ٻڌاءِ!“

*Your own eyes may be your best witness.*



# آڪاٽي ٻتاڪي واتھڙوءَ جي

هڪڙو ماڻهو جيڪو ڏارين ملڪن ۾ تمام گهڻو گهميو هو. اهو جڏهن موٽي پنهنجي ڳوٺ آيو تڏهن سدائين ڊاڙون هڻندو هو تہ "ٻاهرين ملڪن ۾ مون ڪافي وڏا ڪم ڪيا هئا!"

هڪڙي ڏينهن ٻتاڪ هڻڻ لڳو تہ "مان جڏهن 'ڦلاٽي' ٻيٽ ۾ هئس، تہ هڪڙي ڏينهن اهڙو تہ عجب جهڙو ٽپو ڏنم. جنهن جهڙو ٽپو ڪير بہ نہ ڏيئي سگهيو ۽ ان ڳالهہ جا اکين ڏٺا شاهد اڄ بہ اُتي موجود آهن!"

ٻڌندڙن مان هڪڙي ماڻهوءَ چيو تہ "بيشڪ هوندو پر جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ هن هنڌ کي ساڳيو 'ڦلاٽو' ٻيٽ سمجهي وري اهو ٽپو ڏيئي ڏيکار!"

*Deeds, not words.*



# آڪاٽي چيتي ۽ ٽن ڍڳن جي

ٽي ڍڳا، پاڻ ۾ ڏاڍي محبت سان، گڏجي گهُمندا ۽ چَرندا هئا. ڪيترائي ڀيرا، چيتي جي نظر هنن تي پوندي هئي، تہ سندس دل گهرندي هئي تہ انهن مان هڪ جو شڪار ڪجي، پر اڪيلي ڪي قابو ڪرڻ سولو هو ۽ ٽن تي حملي ڪرڻ ڪان چيتو بہ ڊڄندو هو ۽ سمجهندو هو تہ اهي ٽي ڄڻا مون ڪان سَگها آهن. نيٺ ڄاتائين تہ هنن ٽن ڍڳن تي گڏ جي ڪاهہ ڪرڻ مشڪل آهي، ان ڪري سُس ڦُس ڪري ۽ چُغليون هڻي هنن ۾ ساڙ ۽ نفاق پيدا ڪندو رهيو. چيتي جي انهيءَ ڏاهپ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڍڳا پاڻ ۾ رُٺا ۽ نيٺ ڌار ٿي ويا. چيتي جي اٽڪل پوري ٿي. جڏهن ڍڳا هڪ ٻئي ڪان ڌار ٿي ويا تہ هڪ هڪ ڍڳي کي سولائيءَ سان پڪڙي، چيري ڦاڙي کاڌائين.

ஐ

*Friends' fights are their enemies' opportunities.*



# آڪاٺي گڏھ جي، جنھن
# شينھن جي کَلَ پاتي ھئي

ھڪڙي گڏھہ شينھن جي کَلَ لڌي، سو ان کي پھري، ٻيلن ۽ جھنگلن ۾ گھمي مال جي ڌڻن ۽ ڇيلن جي ڇانگن کي ڊيڄاريندو ھو. آخر ھڪڙي ڏينھن پنھنجي ڏٽيءَ کي ڏسي ارادو ڪيائين تہ ان کي بہ ڊيڄاريان. پر ھن ڀلي ماڻھوءَ شينھن جي کل ڪان ٻاھر نڪتل ڊگھا ڪن ڏسي گڏھہ کي سُڃاتي ورتو سو ھڪ وڏي لت ڪٽي، ارادو ڪيائين تہ ھٽانس، پر ان سان گڏ چٽي ڏنائينس "تو جيتوڻيڪ شينھن جي کَلَ پھري آھي، پر آھين گڏھ جو گڏھہ!"

ﮩﮩﮩ

*Clothes do not make the man.*



# آڪاٽي گڏهہ جي پاڇي جي

هڪڙي گرم ڏينهن، هڪ جوان پنهنجي ڳوٺ وڃڻ پئي ويو. ڪيس اچي بہ پهر ٿيا، تڏهن سج جي گرميءَ هن کي ايترو تنگ ڪيو جو هو ياڙي تي ڪيل گڏهہ تان لهي ان جي پاڇي ۾ آرام ڪرڻ لاءِ ويهڻ لڳو تہ گڏهہ جي مالڪ جي بہ مرضي ٿي تہ 'مان بہ پاڇي ۾ ويهان'، سو جوان سان جهيڙو ڪرڻ لڳو تہ "منهنجو بہ حق تو جهڙو آهي!" جوان چيو تہ "مون گڏهہ ياڙي تي ڪيو آهي، اُن ڪري پاڇي ۾ آءٌ ويهندس!" گڏهہ واري جواب ڏنو تہ "تو گڏهہ جو ياڙو برابر ڏنو آهي، پر تو گڏهہ جي پاڇي ۾ ويهڻ جي ڳالهہ تہ ڪانہ ڪئي هئي!" هي ٻئي ڄڻا جيئن ئي گڏهہ جي پاڇي ۾ ويهڻ لاءِ وڙهي ۽ جهيڙو ڪري رهيا هئا، تہ موقعو ڏسي گڏهہ ڀوڙي ڀڄي ويو!

*No situation is so bad it can't*
*be turned to someone's profit.*



# آڪاٽي هرڻ جي، جنهن

# پاڻيءَ ۾ نهاريو ٿي

هڪڙي هرڻ هڪ صاف پاڻيءَ جي واهه تي پئي پاڻي پيتو. پاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڇو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مٿي ڪان پيرن تائين پاڻ کي جاچڻ لڳو، ۽ چوڻ لڳو ته "واهه منهنجا سڱ ته ڪهڙا نه سهڻا آهن: اهڙن سهڻن سڱن ڪري منهنجو سڄو مٿو ڪيترو نه سهڻو نظر اچي ٿو! جيڪڏهن منهنجا سڀ عضوا اهڙا سهڻا هجن، ته جيڪر پاڻ جهڙو ڪنهن کي به نه ڀانيان. پر افسوس جو منهنجا پير وري اهڙا ٻُڇڙا آهن.جن کي ڏسندي مان پيو لڄي ٿيان! جيتوڻيڪ ڪي ماڻهو چوندا آهن ته منهنجا پير تکي ڊوڙڻ لاءِ ڏاڍا سُٺا آهن، پر آءٌ انهن جي ڪوجهائيءَ ڪري پيرن کي ٻڇڙو ٿو چوان. اهڙا ٻڇڙا پير مون کي نه هجن ها ته ڏاڍو چڱو هوا" جيئن ئي هرڻ اِهي ڳالهيون پئي ڪيون، تيئن ڪي شڪاري ۽ ڪُتا، هرڻ کي ڏسي اُن ڏانهن اچڻ لڳا. هرڻ هنن کي جو ايندو ڏٺو سو ڀڄي وڃي پيو پر گهاٽن وڻن مان ڊوڙندي، سندس سِڱ وڻن جي ٽارين ۾ ڦاسي پيا. ڪتن جي پهچڻ تائين هرڻ اُتي ڦاٿو پيو هو. جڏهن هرڻ کي پنهنجي موت جي پڪ ٿي، تڏهن چيائين ته "آءٌ ڪهڙو نه نياڳو آهيان جو جن سڱن جي ساراهه ٿي ڪيم، اُنهن مون کي موت ڏنو ۽ جن پيرن کي ٻُڇڙو سڏيم ٿي، انهن مون کي ڇوٽڪارو ٿي ڏياريو!"

ꕥ

*What is worth most is often valued least.*



# آڪاشي نجوميءَ جي

هڪڙو نجومي، سدائين، رات جي وقت تارن کي ڏسڻ لاءِ گهمندو رهندو هو. هڪڙيءَ رات، جيئن ئي هو شهر کان ٻاهر گهمي رهيو هو ۽ سندس سڄو ڌيان آسمان طرف هو تہ ايتري ۾ ڪا کڏ آڏو آيس، ۽ اُن ۾ ڪِري پيو. کَڏَ ۾ ڪِرڻ ڪري، هن وڏي دانهن ڪئي، سندس دانهن ٻڌي هڪڙو ماڻهو هن وٽ آيو ۽ ساري ڳالهہ پڇيائينس.

سڄي ماجرا ٻُڌي ، انهيءَ ماڻهوءَ چيو تہ "اي سائين! جڏهن تون آسمان ڏانهن ڌيان ڪندو آهين، تڏهن تنهنجي پيرن هيٺان جيڪو موجود هوندو آهي، ان کي بہ نہ ٿو ڏسين؟"

ꕥ

*You can look at the stars,*
*but watch where you're going.*



# آڪاٽي بگهڙ ۽ ٻڪريءَ جي

هڪڙي بگهڙ ڏٺو ته هڪڙي ٻڪري هڪ اهڙيءَ اوچيءَ ٽڪريءَ جي جي چوٽيءَ تي پهچي وئي آهي، جتي آءُ نه پهچي سگهندس. انهيءَ ڪري، ٻڪريءَ کي منٿ ڪندي چيائين ته "متان انهيءَ اُپيءَ ٽڪري تان پير ترڪي پوئي، انهيءَ ڪري چڱو آهي ته تورو هيٺ لهي اَچ- هتي جو گاهه انهيءَ ٽڪريءَ واري گاهه کان وڌيڪ مٺو ۽ وڏو آهي! ٻڪريءَ جواب ڏنس ته "مون کي معاف ڪر، چو ته تون مون کي منهنجي ڪاڏي لاءِ، نه پر پنهنجي ڪاڏي لاءِ سڏي رهيو آهين!"

*The advice of an enemy is not to be trusted.*



# آڪاٽي ڇوڪر ۽ ڏنگڙيءَ جي

هڪڙي ڇوڪر هنيءَ ۾ پٽي راند ڪئي، تہ ڏنگڙيءَ جي ٻوٽي تي وڃي هٿ پيس. سو انهيءَ سور کان جلدي گهر ڊوڙي اچي ماءُ کي ٻڌايائين تہ "ڪني ٻوٽي کي ٿورو هٿ لاتم تہ ڏنگي وڌو اٿس!" ماءُ چيس تہ "انهيءَ ذري هٿ لڳائڻ سان ڏک پهتو اٿئي، تہ زور ڏئي، سڄي ٻوٽي کي هٿ سان قابو ڪري جهل، تہ توکي ڪانہ ڏُکائيندي!"

*Hold strongly to what you want.*



# آڪاٽي گڏھ ۽ سندس ڪاھيندڙ جي

هڪڙي گڏھ کي سندس ڏٽي واٽ تان ڪاهيو پئي ويو. ٿورو پنڌ هلي، گڏھ کي جا آئي جُو جڪي، سو واٽ ڇڏي پاسي واري ڪامي جي ڪنڌيءَ ڏانهن ڊُرڪيو. ذري گهٽ وڃي ٿي ڪاهيءَ ۾ ڪِريو ته ڏٽيءَ سَٽ ڏئي پڇ مان جهلي ورتس ۽ ٻاهر ڇڪڻ لڳس. پر گڏھ کي اچي هوڏ ڪئيو سو سيٽجي ٻيهي رهيو ۽ لڳو ابتي پاسي پاڻ ڏانهن مالڪ کي ڇڪڻ. تڏهن ڏٽيءَ ٻه ڪٽي هن مان هٿ ڪڍيا ۽ چيائينس ته ”جي تون ڏٽي ٿئين، ته پنهنجو ڇاڙهو ڪهڙو؟!“

*A willful beast must go his own way.*



# آڪاٽي ڏيڏر ۽ لومڙ جي

هڪڙي ڏيڏر کي ڪنهن ڏينهن اچي رِيچڪ ڪنيو سو ڏاڍو آڪرو ٿي، ٽِپُ ڏئي تلاءَ کان ٻاهر نڪري آيو ۽ ڪنڌيءَ تي واريءَ جي هڪ دڙي تي ڪانڊيري جي ٻاچولي ۾ ويهي وٺي 'ٽان ٽان' ڪرڻ لڳو. ان تي ڪيترا جانور جهنگ مان نڪري آيا. ڏيڏر ڏاڍي ڦونڊ ۾ ڀرجي، سڀني کي چوڻ لڳو تہ "ياڻرو! آءٌ تازو پاتال مان حڪمت جو وڏو امتحان ڏئي آيو آهيان. تمام قابل ۽ ڏاهو حڪيم آهيان. ڪهڙي بہ بيماري هجي تہ آءٌ جهٽ پٽ ڇُٽائيندس!" ڏيڏر صاحب اهڙي تہ زوردار تقرير ڪئي، جو سڀني جانورن هن جي ڏاهپ تي واه واه ڪئي، ۽ جيڪي ٻُڌائون، ان تي ويساهہ رکي، ڏاڍا خوش ٿيا. نيٺ هڪڙي لومڙ کان رهيو نہ ٿيو سو ڏمرجي پڇڻ لڳس تہ "اڙي حڪيم صاحب! هيڏي ساري ڪهاڻي جيڪا بيان ڪري وئين سا تہ ٺيڪ، پر تنهنجا پنهنجا حال اهي آهن، جو تنهنجو ڄاڙيون لين ڪونہ. تنهنجو مُنهن ڏٻرو ۽ ڦِڪو. تنهنجو بدن ڏٻرَّ جنهن تي ٻيڙ ٽِڪا ٿيا پيا آهن. جڏهن تو وٽ پنهنجي لاءِ ڪو علاج ڪونهي، تہ ٻين جا ڏک ۽ بيماريون ڪيئن ختم ڪندين؟" اُن تي ڏيڏر ڏاڍو لڄي ٿيو. ۽ ٽَپُ ڏئي وري وڃي تلاءَ ۾ پيو.

*Physician, heal thyself.*



# آڪاٽي سَمنڊ ۽ نَدين جي

هڪ ڀيري سيئي ننديون وڏيون نديون، ميڙ ڪري، سمنڊ وٽ آيون، ۽ اُن کي ڏوراپو ڏئي چوڻ لڳيون تہ "اڙي سمنڊ! اسين تمام گهڻو مٺو پاڻي گڏ ڪري تو ۾ آڻي وجهون، پوءِ تون ان کي کارو ۽ ڪسارو ڪريو ڇڏين، سو ڇو؟" سمنڊ ڏٺو تہ هي نديون آهن نادان، سو رڳو ايترو چيائين تہ ."اديون! هاڻي جيڪڏهن اوهان کي منهنجي اها ڳالهہ نٿي وڻي، تہ هن کان پوءِ ڪٿي مون ۾ پنهنجو پاڻي نہ وجهو ۽ مهرباني ڪري آئيندي مون کان پري رهجو! "

ﮪ

*Some people find fault even with the things that benefit them.*



# آکاٽي جهنگلي سوئر ۽ لوڪڙ جي

هڪڙي جهنگلي سوئر، پنهنجن وڃن ڪي وڻ تي گسائي تکو پئي ڪيو. ايتري ۾ هڪڙو لوڪڙ اچي لانگهائو ٿيو. تنهن پڇيس تہ ”تون هي ڇا ٿو ڪرين هن وقت تہ نڪي آهن ڪُتا، نہ ڪو شڪاري، ۽ نڪي ٻيو ڪو دشمن ويجهو. پوءِ وڃَ تکا ڇو پيو ڪرين؟“

سوئر وراڻيو تہ ”ياڻو لوڪڙ! تون چوين سچ ٿو، پر جيڪو جو ڪو اچڻو آهي اُن لاءِ هينئر ئي تياري ڪري ٿو ڇڏيان. پوءِ اُن وقت هيءَ ڪم ڪرڻ بدران ٻيو ڪم ڪندس.“

ꙮ

*Prepare your defenses before the enemy appears.*



# آڪاٽي بگهڙ جي، جنهن رڍ جو ڪيو ويس

هڪڙي بگهڙ اهو خيال ڪيو تہ ”جيڪڏهن ڪنهن طرح رڍن سان گڏ گذارجي، تہ گذران خوب ٿيندو.“ سو انهيءَ ارادي سان، ڇا ڪيائين، جو رڍ جو ويس ڍاري، ڌڻ سان گڏجي ويو. پوءِ اهو بگهڙ اهڙيءَ طرح رڍن جي ڌڻ سان گڏ چَرندو رهيو جو ريڍار کي بہ خبر ڪانہ پئي تہ ڪو بگهڙ بہ رڍن سان گڏيو وتي. آخر هڪ رات بگهڙ بہ رڍن سان گڏ واڙي ۾ پورجي ويو. اتفاق سان، ريڍار کي ڪاٺڻ لاءِ ڪا رڍ ٿي کپي. سو واڙي ۾ آيو: ۽ پل ڪان بگهڙ کي رڍ ڄاڻي ڪُهي وڌائين ان طرح بگهڙ حياتي وڃائي.

ജ്ര

*The wicked often fall into their own traps.*



# آڪاٽي بگهڙ ۽ گهوڙي جي

هڪڙو بگهڙ، گهمندي گهمندي، جَوَنِ جي ٻنيءَ تائين وڃي پهتو پر جَوَ ڪائي نہ سگهيو. انهيءَ ڪري، جَوَنِ کي ڇڏي، اڳتي هليو. واٽ ۾، گهوڙو گڏيس تہ ان کي منٿون ڪري چيائين تہ "مون سان گڏ جي انهيءَ ٻنيءَ ۾ هل، جتي تمام گهڻا جَوَ موجود آهن. مون هڪڙو داڻو بہ نہ کاڌو آهي، ۽ سڀ تولاءِ بچايا اٿم ڇو تہ، تون جڏهن چرين ٿو تہ تنهنجي ڏندن جو آواز مون کي راڳ وانگر ڏاڍو سُٺو ٿو لڳي !"

گهوڙي جواب ڏنس تہ "تون چالاڪ برابر آهين، پر آءٌ ڄاڻان ٿو تہ جيڪڏهن بگهڙ جَوَ کائي سگهن ها، تہ تون ڪنن جي مزي لاءِ پيٽ کي بُک ڪونہ مارين ها!"

*There is no virtue in giving to others*
*what is useless to oneself.*

